هفتيوار سنتن پري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن پريو بيان

# حلال جا فضائل ۽
# حرام جون وعيدون

**02-MARCH-2017**

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# حلال جا فضائل ۽ حرام جون وعيدون

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الاِعْتِكَاف (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِپاڪ جي فضيلت

الله عَزَّوَجَلَّ جي رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جنهن مون تي 100 ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهيو، الله تعاليٰ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي تہ هي نِفاق ۽ جهنَّم جي باهہ کان آزاد آهي ۽ ان کي قِيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو. (مَجْمَعُ الزَّوَائِد،ڪتاب الادعية، باب فی الصلاة على النبی ...الخ، ١٠/ ٢٥٣حديث :١٧٢٩٨)

اپنے خَطا واروں کو اپنے ہی دامَن میں لو کون کرے یہ بَھلا تُم پہ کروڑوں دُرُود

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اسان ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِه. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدی الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

www.dawateislami.net

**۾ مدني گُل:** 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجه سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ٻيجي ويهندس ❁ ضرورت طور سوڙهو ٿي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهورڻ، جهڻڪڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!    صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عيب دار شيءِ جي وڪڻڻ تي رَدِّ عمل

ڪروڙن حنفين جي پيشوا حضرت سَيدُنا امامِ اعظم ابُوحنيفہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه حلال رِزق جي لاءِ واپار جو پيشو اپنايو هو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه ڪپڙي جا تمام وڏا واپاري هئا، پر باوُجُود ان جي سندن واپار احسان، خير خواهي ۽ اسلام جي پاڪيزه اُصُولن تي مشتمل هو. جيئن حضرت سيدُناحفص بن عبدالرحمٰن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا تہ حضرت سيدُنا امامِ اعظم ابو حنيفہ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه مون سان گڏ واپار ڪندا هئا ۽ مون کي واپار وارو مال وڪڻڻ مهل فرمائيندا هئا: اي حَفص! فُلاڻي ڪپڙي ۾ ڪجھ عيب آهي. جڏهن توهان ان کي فروخت ڪيو تہ عيب ٻڌائي ڇڏجو. حضرت سيدُنا حفص رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه هڪ ڀيرو مال وڪڻيو ۽ وڪڻڻ مهل عيب ٻڌائڻ ڀُلجي ويا. جڏهن امامِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه کي خبر پئي تہ

www.dawateislami.net

پاڻ رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ تمام ڪپڙن جي قيمت صدقو ڪري ڇڏي. (تاريخ بغداد،باب مناقب ابی حنيفة ، ۳۵۶/۱۳ )

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان تہ اسان جي امامِ اعظم ابُو حنيفہ رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ حلال روزي ڪائڻ ۽ حرام گره ۽ شُبهي وارين شين کان بچڻ ۾ ڪيتري قدر احتياط ڪندا هئا، بيشڪ پاڻ رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ کي خبر هئي تہ حرام ۽ شُبهي واري شين ۾ ذرّي برابر بہ برڪت ناهي هوندي، برڪت تہ سڄي جي سڄي حلال ۽ پاڪيزه شين ۾ رکي وئي آهي، شايد انهيءَ ڪري فروخت شُده ڪپڙن جي سموري رقم پاڻ وٽ رکڻ پسند نہ ڪئي ۽ راه خدا ۾ صدقو ڪري ڇڏي.

اِمامِ اعظمرَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ جي هن واقعي مان انهن ماڻهن کي عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي جنهن جي زندگي جو مقصد صرف ۽ صرف مال گڏ ڪرڻ ۽ بينڪ بيلنس وڌائڻ آهي. بعض اوقات اهڙن ۾مال گڏ ڪرڻ جي هوَس ايتري قدر غالب نظر ايندي آهي جو اهي ڏيتي ليتي جي وقت حرام جي آفت ۾ مبُتلا ٿي نہ صرف پاڻ بلڪ پنهنجي گهر وارن کي بہ هلاڪت ۾ وجهندا آهن. ياد رکو! دنيا ۾جنهن وٽ جيترو گهٽو مال هوندو آخرت ۾ان کي ايترو ئي گهٽو حساب بہ ڏيڻو پوندو، تنهنڪري اسان کي حرام شين کان بچندي هميشہ حلال ۽ پاڪيزه روزي جي ئي جستجو ڪرڻ گهرجي ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏيارڻ گهرجي تہ جيئن اسان کي حلال گره جي فضيلت حاصل ٿئي، حلال گره جي فضيلت بيان ڪندي حُجَّةُ الاِسلام حضرت سَيدُنا اِمام محمد غَزاليرَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیہ اِحياءُالعُلوم ۾ فرمايائون تہ بعض بُزرگانِ دين فرمائن ٿا: مُسَلمان جڏهن حلال کاڌي جو پهريون گره کائيندو آهي، ان جا پهريان جا گناه معاف ڪيا ويندا آهن ۽ جيڪو شخص حلال (روزي) جي لاءِ رسوائي واري جڳهہ تي بيهندو آهي ان جا گناه وڻ جي پنن وانگر ڇڻندا آهن. (اِحياء العُلُومِ،۲/۱۱۶)

یاخُدا میری مغفرت فرما باغِ فردوس مرحَمَت فرما
تُو گناہوں کو مُعاف کر اللہ میری مقبول معذِرت فرما
مشکلوں میں مرے خدا میری ہر قدم پر مُعاوَنَت فرما

(وسائلِ بخشش،ص:۷۵)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اِسلام ۾ حَلال ۽ طَيب کائڻ جي ڪيتري قَدَر اَهمِيت آهي هن جو اَندازو هن ڳالهه مان لڳايو ته پاڻ ان پَروَردگار عَزَّ وَجَلَّ پنهنجي پاڪيزه ڪلام ۾ حَلال ۽ پاڪيزه روزي کائڻ بابت وَاضح اَحڪام اِرشاد فرمايا آهن، جيئن سيپارو 7سُوْرَہ مَآئِدَہ جي آيت نمبر88 ۾ اِرشادِ رَبّاني آهي:

وَ كُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ حَلٰلًا طَیِّبًا۪ وَّ اتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِیْۤ اَنْتُمْ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ(۸۸) (پ۷،المائدة:۸۸)

**ترجمو ڪنز الايمان:** ۽ کائو جيڪِي الله توهان کي روزِي ڏِني حَلال پاڪِيزه ۽ الله کان ڊِڄو جنهن تي توهان جو اِيمان آهي

پاره2سُوْرَۃُ بَقَرَۃ آيت نمبر168 ۾ اِرْشادِ باري تعاليٰ آهي:

یٰۤاَیُّهَا النَّاسُ كُلُوْا مِمَّا فِی الْاَرْضِ حَلٰلًا طَیِّبًا ﳲ وَّ لَا تَتَّبِعُوْا خُطُوٰتِ الشَّیْطٰنِؕ-اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِیْنٌ(۱۶۸) (پ۲،البقرة:۱۶۸)

**ترجمو ڪنز الايمان:** اي اِنسانؤ کائو جيڪِي زمِين ۾ پاڪ حَلال آهِن ۽ شيطان جي پيرن تي نه هلو بيشڪ اُهو اوهان جو کُليو کُلايو دُشمن آهي.

## حلال ۽ طيب رزق مان ڇا مراد آهي؟

تفسير صِراطُ الجِنان ۾ آهي ته حلال ۽ طيب مان مُراد اها شيء آهي جيڪا بذاتِ خُود به حلال آهي، جيئن ٻڪري جو گوشت، سبزي، دال وغيره ۽ اسان

www.dawateislami.net

ڪي حاصل به جائز ذريعي سان ٿئي يعني چوري، رشوت، ڌاڙي وغيره جي ذريعي حاصل نه ٿئي. (صراط الجنان،پ۲،البقرة،تحت الآية:۱،۱٦۸/۲٦۸)

رزقِ حلال دے مجھے اے میرے کبریا دیتا ہوں واسطہ تجھے تیرے حبیب کا
(وسائلِ بخشش،ص:۷۷)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## حلال کائڻ جي اهميت

حضرتِ سيدنا يحيٰي بن معاذ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: اطاعت **الله** عَزَّوَجَلَّ جي خزانن ۾ لڪيل آهي ۽ ان جي ڪُنجي دعا آهي ۽ حلال ڪائڻ ان ڪنجي جا ڏندا آهن، جيڪڏهن ڪنجي ۾ ڏندا نه هوندا ته دروازو به ڪونه ڪلندو ۽ جڏهن خزانو نه ڪلندو ته ان جي اندر لڪيل فرمانبرداري تائين ڪيئن پهچي سگهبو. تنهن ڪري پنهنجي گِره جي حفاظت ڪريو ۽ پنهنجي ڪاڏي ڪي پاڪيزه بڻايو ته جيئن جڏهن توهان ڪي موت اچي ته بُرن عملن جي ڪاراڻ جي بدران نيڪ عملن جو نور توهان جي سامهون ظاهر ٿئي ۽ پنهنجي عضون ڪي حرام ڪائڻ جي گناه ڪان روڪي رکو ته جيئن اهي هميشه رهڻ وارين نعمتن مان لذت ماڻي سگهن. **الله** تعالٰي فرمائي ٿو :

كُلُوْا وَ اشْرَبُوْا هَنِيْٓـًٔا بِمَاۤ اَسْلَفْتُمْ فِي الْاَيَّامِ الْخَالِيَةِ﴿۲۴﴾ (پ 29 الحاقة 24)

ترجموڪنزالايمان: ڪائو ۽ پيئو خوشگوار انعام انهيءَ جو جيڪو توهان گذريل ڏينهن ۾ اڳتي موڪليو.

۽ جيڪو حرام ڪائڻ ڪان پرهيز نه ڪري ته ڏگهي عرصي تائين بڪيو رهڻ ڪان پوءِ ٿوهر جو ڪڙو ۽ گرم ميوو ڪائيندو ته اهو ڪهڙو بدترين ڪاڌو هوندوءِ ان جو نقصان ڪيڏو شديد هوندو جو اهو دل ڪي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيندوءِ جگر

www.dawateislami.net

ڪي چيري وجهندو، بدن کي ڦاڙي ڇڏيندو ۽ جيئڻ مشڪل ڪري ڇڏيندو.
(آنسووں کا دریا، ص۲۸۳)

گنہگار طلبگارِ عفو و رحمت ہے عذاب سہنے کا کس میں ہے حوصلہ یاربّ!
کہیں کا آہ! گناہوں نے اب نہیں چھوڑا عذابِ نار سے عطار کو بچا یاربّ!

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو ته حرام ڪائڻ جون وڏيون نحوستون ۽ حلال ڪائڻ ۾ وڏيون برڪتون آهن. جيڪي مُسلمان رِزقِ حلال ڪمائي پنهنجي اهل وعيال کي حَلال کارائي ٿو * اهي پُرسُڪون ۽ خُوشحال زندگي گُذارن ٿا * حلال ڪمائڻ ۽ ڪائڻ واري جو ماڻهن جي نظرن ۾هڪ خاص مقام بڻجي ويندو آهي * حلال ڪمائڻ ۽ ڪائڻ واري جي ڪاروبار ۾ برڪت ٿيندي آهي* حلال ڪمائڻ ۽ڪائڻ وارن جا گُناهہ مُعاف ڪيا ويندا آهن ۽ ان جون دُعائون قبول ٿينديون آهن. حلال ڪمائڻ ۽ ڪائڻ جون فضيلتون ايتري قدر گهڻيون آهن جو دل چاهي ٿي ته بس بيان ڪندا ۽ ٻڌندا ئي وڃون. اچو! ترغيب طور 4 حديث سڳوريون ٻڌون ٿا ۽ ان تي عمل جي نِيت به ڪيون ٿا:

1. جنهن چاليهه (40) ڏينهن تائين حلال کاڌو، الله عَزَّوَجَلَّ ان جي دل کي منور ڪندو ۽ ان جي زبان تي حڪمت جا چشما جاري ڪندو ۽ دنيا و آخرت ۾ ان جي رهنمائي فرمائيندو. (اتحاف السادة،كتاب الحلال والحرام، الباب الاول، في فضيلة الحلال ...الخ ، ٦ / ٤٥٠)

2. جنهن شخص حلال مال ڪمايو پوءِ ان کي پاڻ کاڌو يا ان ڪمائي مان لباس پاتو ۽ پنهنجي علاوه الله تعاليٰ جي ٻي مخلوق (جيئن پنهنجي اهل و عيال ۽ ٻين ماڻهن) کي کارايو ۽ پارايو ته ان جو هي عمل ان جي لاءِ برڪت

www.dawateislami.net

۽ پاڪيزگي آهي. (ابن حبان،ڪتاب الرضاع، باب النفقة، ذڪر ڪتبة الله الخ،الجزء٦، ٢١٨/٤، حديث: ٤٢٢٢)

3. هڪ شخص نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ويجهو ڪان لنگهيو تہ صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان ان جي ڦرتيلي بدن جي مضبوطي ۽ چستي ڪي ڏٺائون تہ عرض ڪيو: يا رَسُولَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڪاش! ان جو هي حال الله عَزَّوَجَلَّ جي راھ ۾ هجي ها. تہ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايائون: جيڪڏهن هي شخص پنهنجي ننڍن ٻارن جي لاءِ رزق جي تلاش ۾ نڪتو آهي تہ هي الله عَزَّ وَجَلَّ جي راھ ۾ آهي ۽ جيڪڏهن هي شخص پنهنجي پوڙهي والدين جي لاءِ رزق جي ڳولها ۾ نڪتو آهي تہ بہ هي الله عَزَّ وَجَلَّ جي راھ ۾ آهي ۽ جيڪڏهن هي پنهنجي پاڪدامني جي لاءِ رزق جي تلاش ۾ نڪتو آهي تہ بہ هي الله عَزَّ وَجَلَّ جي راھ ۾ آهي ۽ جيڪڏهن هي ڏيکاءُ ۽ تَفاخُر جي لاءِ نڪتو آهي تہ هي شيطان جي راھ ۾ آهي. (الترغيب والترهيب،ڪتاب النڪاح، باب الترغيب في النفقة علي الزوجة،رقم:٣٠٤١، ٣ / ٣١)

4. حضرت سيدُنا سعد رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْه نبي اَڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ عرض ڪيو: اوهان دُعا ڪيو تہ الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي دُعا قبول ڪري تہ قاسمِ نعمت، نبي رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ان کي ارشاد فرمايو: ياسَعْد!اَطِبْ مَطْعَمَكَ تَكُنْ مُسْتَجَابَ الدَّعْوَةِ يعني پنهنجي کاڌي کي پاڪيزه بڻايو توهان جون دُعائون قبول ٿينديون. (معجم اوسط،من اسمه محمد،٣٤/٥، حديث:٦٤٩٥)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ الله عَزَّوَجَلَّ حلال کاڌي۾ ڪيتريون برڪتون رکيون آهن، حلال کائڻ جي برڪت سان انسان جي دل نُور سان منور ٿي ويندي آهي، حلال کائڻ جي برڪت سان زبان حڪمت جو سَرچشمو بڻجي ويندي آهي، اهو بہ معلوم ٿيو تہ پنهنجي ٻارن ٻچن، پُوڙهن والدين جي خاطر

www.dawateislami.net

رِزق جي تلاش ۾ نڪرڻ وارو راهِ خدا ۾ هوندو آهي، ٿورو غور ڪيو تہ حلال ڪائڻ ۽ ڪمائڻ وارن کي ڪيتري قدر فضيلتون ۽ برڪتون حاصل ٿينديون آهن پر افسوس تہ ڪي ماڻهو نفس ۽ شيطان جي هٿن ۾ رانديڪو بڻجي روزي جي حلال ۽ پاڪيزه ۽ آسان ذريعا ميسر هئڻ باوُجُود هرويرو حرام ذريعا اختيار ڪري، حرام ڪائي، يا ڪارائي پنهنجي لاءِ جهنم ۾ وڃڻ جو سامان ڪن ٿا. حلال روزي ڪمائڻ، ڪائڻ،حرام ۽ شڪ و شُبهي وارين شين کان بچڻ جي مُعاملي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي نيڪ ٻانهن جو ڪردار ساراهہ جوڳو هوندو آهي ڇو تہ اهي حضرات رِزقِ حلال جي ڳولها جي لاءِ ڪڏهن ڪڏهن پري پري جو سفر بہ ڪندا هئا ۽ پَرائي شيء کي مالِ غنيمت سمجهي مالِ مُفت دلِ بي رحم جيان هڙپ ڪرڻ وارا نہ هئا بلڪ نهايت ئي مُحتاط طبيعت وارا هئا. اچو! ترغيب طور هڪ ايمان افروز واقعو ٻڌي ان مان مدني گل حاصل ڪيون ٿا،

## حلال رزق جي ڳولها ۾ سفر

دعوتِ اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبةُ المدينہ جي شايع ٿيل 410 صفحن تي مشتمل ڪتاب "عُيونُ الحڪايات(حصہ اول)"صفحي نمبر 223 ۽ 224 تي آهي: حضرت سَيِدُنا ابراهيم بن اَدهمرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه فرمائن ٿا تہ مان هڪ ڀيري حلال رِزق ڪمائڻ جي لاءِ "طَرسُوس" نالي شهر ڏانهن روانو ٿيس، جڏهن مان اتي پهتس تہ هڪ شخص مون وٽ آيو ۽ مون کي چوڻ لڳو: مون کي پنهنجن انگورن جي باغ جي سار سنڀار جي لاءِ هڪ باغبان (يعني باغ جي حفاظت ڪرڻ واري) جي ضرورت آهي ڇا توهان اُجرت تي منهنجي باغ جي نگراني ڪرڻ جي لاءِ تيار آهيو؟ مون چيو: جي ها! پوءِ مان ان شخص سان گڏ ويس ۽ خُوب محنت ۽ لگن سان ان جي باغ ۾ ڪم ڪندو رهيس. هڪ ڏينهن باغ جو مالڪ پنهنجن ڪجھ دوستن سان گڏ باغ ۾ آيو ۽ مون کي سڏي

www.dawateislami.net

چيائين: اسان لاءِ بهترين قسم جا منا انگور پٽي اچ. اهو ٻڌي مون ڪافي مِقدار ۾ انگور آڻي انهن اڳيان رکي ڇڏيا. مالڪ جڏهن انگور جو داڻو کاڌو ته اهو کٽو نڪتو، ۽ ان مون کي چيو: اي باغبان! تو تي افسوس ته تون ايترن ڏينهن کان هن باغ ۾ ڪم ڪري رهيو آهين ۽ اڃا تائين تون کي کٽن ۽ منن انگورن جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي، حالانڪ تون هتي ڏينهن رات خوب انگور کائيندو هوندي. مون باغ جي مالڪ کي چيو: الله عَزَّوَجَلَّ جو قسم! مون اڄ تائين توهان جي هن باغ مان انگور جو هڪ داڻو به ناهي کاڌو چوته مان ته صرف باغ جي سار سنڀار جي لاءِ آيو آهيان، تڏهن ته مون کي کٽن منن انگورن جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي، اهو ٻڌي باغ جو مالڪ پنهنجن دوستن کي چوڻ لڳو: ڇا ان کان به گهڻي ڪا عجيب ڳالهه ٿي سگهي ٿي ته هڪ شخص ڪافي عرصي تائين ايتري ايمانداري سان باغ ۾ رهي جو اتي هڪ داڻو به نه کائي؟ اهو شخص ته ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جيان متقي ۽ پرهيزگار معلوم ٿئي ٿو. (ان باغ واري کي معلوم نه هو ته اهي ئي حضرت سَيِّدُنا ابراهيم بن اَدهم آهن) حضرتِ سَيِّدُنا ابراهيم بن اَدهم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه فرمائن ٿا: پوءِ مان پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويس ۽ باغ جو مالڪ اتان کان هليو ويو.(عيون الحكايات،حصه١،ص٢٢٣-٢٢٤ملخصاً)

**منا منا اسلامي ڀائرو!** حضرت سَيِّدُنا ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه جي حلال ڪائڻ جي جستجو، ايمانداري ۽ تَقوي و پرهيزگاري مرحبا! جيڪڏهن پاڻ چاهن ها ته رَبّ تعاليٰ جي بارگاهه ۾ دُعا ڪرڻ سان سندن کي آساني سان مَن پسند کاڌا ۽ مشروبات ڏنا وڃن ها پر انهن کي خبر هئي ته محنت ۾ عظمت آهي، سندن جي امانت داري ۽ تقويٰ و پرهيزگاري جو عالَم به نرالو هو، باوجود هي ته انگورن جو سڄو باغ رکوالي جي لحاظ کان سندن قبضي ۽ اختيار ۾ هو، پاڻ چاهين ها ته باغ ۾ لڳل انگورن جي گوشن مان پرپُور طريقي سان لُطف اندوز ٿين ها پر پاڻ انهن ماڻهن مان نه هئا جو جنهن کي

www.dawateislami.net

حرام ۽ حلال جي ڪا پروا ناهي هوندي، جيڪي امانتن ۾ خيانت جا مُرتڪب ٿيندا آهن ۽ جنهن جون نظرون ٻين جي مالن تي ئي لڳل رهنديون آهن بلڪ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیْه تہ حلال ڪائڻ جي اهميت ۽ فضيلت ڪان چڱي نموني واقف هئا.

## حلال طريقي سان ڪمائڻ جا 50 مدني گل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حلال ڪائڻ جون برڪتون ماڻڻ، حرام روزي ڪان بچڻ ۽ حلال طريقي سان روزي ڪمائڻ جا طريقا ڄاڻڻ جي لاءِ شيخ طريقت، اميرِ اَهلسُنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علّامہ مَولانا ابُو بلال محمّد الياس عطّارقادري رَضَوِي ضِيائي جو تحريري مختصر ۽ جامع رسالو ”حلال طريقي سان ڪمائڻ جا 50 مدني گل“ جو مُطالعو ڪرڻ نهايت مُفيد آهي، اُمّت جي خيرخواهي جي لاءِ لکيل هن رسالي ۾ پاڻ حلال روزي جا فضائل، حرام روزي جون وعيدون ۽ حلال طريقي سان ڪمائڻ جا 50 معلوماتي مدني گلن ڪي بيان فرمايو آهي تنهنڪري اڄ ئي هن اَنمول رسالي ڪي مڪتبةُ المدينہ جي بستي تان وڏي تعداد ۾ هدِيةً طلب ڪيو ۽ تقسيمِ رسائل جي ترڪيب ڪيو. خاص ڪري اهي اسلامي ڀائر جيڪي ملازمت جي شعبي سان وابستہ آهن يا جنهن جي تحت ملازم هوندا آهن، اهي تہ هٿو هٿ هن رسالي جو مطالعو ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪن. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن رسالي ڪي پڙهي بہ سگهجي ٿو ۽ ڈاؤن لوڈ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيئن جيئن اسان نبي پاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مُبارڪ زماني ڪان پري ٿيندا پيا وڃون، جهالت جي اونداهي غالب ٿيندي پئي وڃي، مال ودولت جي فاني چمڪ ڏمڪ ۽ ريل پيل ماڻهن جي اڪين ۽ عقلن

ڪي انڌو ڪري ڇڏيو آهي، پهريان جا ماڻهو حرام ۽ ناجائز غِذائن کان گهڻو بچندا هئا، پر هاڻي بي احتياطي ۽ بي باڪي جو عالم هي آهي جو مَعَاذَالله عَزَّ وَجَلَّ ماڻهو ڄاڻي واڻي حرام کائن ٿا، بعض نادان ته فخريه طور تي اهو به چوندا آهن ته منهنجو هي عاليشان مڪان ۽ گهر ۾ جيڪا خوشحالي ڏسي رهيا آهيو اها سڀ حرام مال جي بدولت ئي ته آهي، اڄڪلهه هن مهنگائي جي دَور ۾ ايمانداري سان ڪمائڻ لڳون ته به وقت جي ماني سُڪون سان کائڻ مُشڪل ٿي ويندي. گهروارن جون نيون نيون فرمائشون ۽ خواهشون معمولي آمدني ۾ ڪٿان پُوريون ٿينديون آهن، مَعَاذَاللهعَزَّوَجَلَّ.

ياد رکو! اهو سڀ دِين کان دُوري جي نحوست آهي. اهڙي ئي دَور جي باري ۾ غيب جي خبر ڏيندي پياري آقا، مڪي مدني مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ماڻهن تي هڪ زمانو اهڙو ايندو جو ماڻهو کي هن ڳالهه جي ڪا پروا نه هوندي ته ان (مال) ڪٿان حاصل ڪيو؟ حرام مان يا حلال مان.

(بخارى، كتاب البيوع، باب من لم يبالى من حيث...الخ، ٢/٧، حديث: ٢٠٥٩ )

مشهور مُفسِرِ قرآن، حڪيم الاُمَّت مفتي احمد يار خانرَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه هن حديث جي شرح ۾ فرمائن ٿا: ”يعني آخري زماني ۾ ماڻهو دِين کان بي پروا ٿي ويندا، پيٽ جي فڪر ۾ هر طرح ڦاسي ويندا، آمدني وڌائڻ، مال گڏ ڪرڻ جي فڪر ڪندا، هر حرام وحلال وٺڻ تي دلير ٿي ويندا جيئن اڄڪلهه عام آهي.“ (مرآةالمناجيح،٤/٢٢٩)

هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ آهي ته ماڻهن تي هڪ زمانو اهڙو ايندو جو ان شخص جي علاوه ڪنهن جو دِين محفوظ نه رهندو، جيڪي پنهنجي دِين کي کڻي (يعني ان جي حفاظت جي خاطر) هڪ جبل کان ٻئي جبل ۽ هڪ سوراخ (غار) کان ٻئي سوراخ ڏانهن ڀڄي. ان وقت روزگار جو حصول الله عَزَّوَجَلَّ کي

www.dawateislami.net

ناراض ڪرڻ بغير نہ ٿيندو. جڏهن اها صُورتِ حال هوندي تہ انسان پنهنجي ٻارن ٻچن هٿان هلاڪت ۾ پئجي ويندو، جيڪڏهن ٻار ٻچا نہ هوندا تہ والدين جي هٿان ان جي هلاڪت ٿيندي ۽ جيڪڏهن والدين بہ نہ هجن تہ ان جي هلاڪت رشتيدارن يا پاڙيسرين جي هٿان ٿيندي.'' صحابَہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو: ''يارَسُوْلَ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهو ڪئين ٿيندو؟ ''پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ''اهي ان کي غُربت تي عار (شرم) ڏياريندا، ان وقت اهو پنهنجو پاڻ کي هلاڪت جي هنڌن ڏانهن وٺي ويندو.''

( الزهد الكبير للبيهقى،الجزء الثانى، فصل فى ترک الدنيا...الخ، ص١٨٣، حديث:٤٣٩ )

## حرام مال جو وبال

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جن اهل وعيال جي لاءِ اسان ڏينهن رات ڪمايون ٿا، اهي سڀاڻي قيامت جي ڏينهن اسان جي رُسوائي جو سبب بڻجي سگهن ٿا، اڄ جيڪڏهن اسان مُعاشري تي نظر وجهون تہ ماڻهو کي ٻارن گهروارن جي جائز ناجائز خواهشون ۽ فرمائشون پُوري ڪرڻ جي ڌُن سوار آهي، مال جي هوَس ۾ ايتري قدر انڌا ٿي چڪا آهن جو حرام ذَريعا اِختيار ڪرڻ کي بُرائي تصور ئي نٿو ڪيو وڃي. ياد رکو! ماءُ پيءُ گهرواريءَ ٻارن ۽ قَرابتدارن جي حُقُوق جي ادائيگي يقيناً اسان جي ئي ذميداري آهي، پر جيڪڏهن اسان انهن جون خواهشون پُوريون ڪرڻ ۽ انهن جي طعنن کان بچڻ جي لاءِ حرام ۽ حلال جي پروا ڪرڻ بغير مال و دولت جمع ڪندا رهياسين، مشڪل وقت ۾ انهن کي صبرو شڪر، توڪل وقناعت جو ذهن نہ ڏنو ۽ حلال وحرام جي تميز نہ سيکاري تہ ٿي سگهي ٿو تہ سڀاڻي قيامت جي ڏينهن اهي ئي اسان جي خلاف بارگاهِ الٰهي ۾ مُقدمو ڪن ۽ اسان جي پڪڙ ٿي وڃن، جيئن تہ

## بارگاهِ الٰهي ۾ دعويٰ

حضرتِ سَيدُنا فقيہ ابوللَّيث سَمر قندي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيه نَقل ڪن ٿا: مروي آهي

www.dawateislami.net

تہ مرد سان تعلق رکندڙن ۾ پهرين ان جي زال ۽ اولاد آهي. اهي سڀ (يعني زال ۽ ٻار قيامت ۾) الله عَزَّوَجَلَّ جي سامهون بيهي ڪري عرض ڪندا: ”اي اسان جا رب عَزَّوَجَلَّ! اسان کي هن شخص کان اسان جو حق وٺي ڏي، ڇاڪاڻ تہ هن ڪڏهن اسان کي ديني معاملن جي تعليم نہ ڏني ۽ هي اسان کي حرام کارائيندو هو، جنهن جي اسان کي خبر نہ هئي (يعني علم نہ هو).“ پوءِ انهيءَ شخص کي حرام ڪمائڻ تي ايتري قدر ماريو ويندو جو هن جو گوشت ڇڻي ويندو. پوءِ ان کي ميزان وٽ آندو ويندو. فِرشتا جبل جي برابر ان جون نيڪيون آڻيندا تہ انهيءَ جي خاندان مان هڪ شخص اڳيان وڌي ڪري چوندو: ”منهنجون نيڪيون گهٽ آهن.“ تہ هو ان جي نيڪين مان ڪٽي وٺندو. پوءِ ٻيو اچي ڪري چوندو: ”تو مون کي وياج کارايو هو.“ ۽ ان جي نيڪين مان ڪٽي وٺندو. اهڙي طرح ان جا گهر وارا انهيءَ جون سڀ نيڪيون ڪٽي ويندا ۽ هو پنهنجن گهروارن ڏانهن حسرت ۽ مايوسيءَ سان ڏسي ڪري چوندو: ”هاڻي منهنجي ڳچي تي اُهي گناهہ ۽ ظلم رهجي ويا، جيڪي مون توهان جي لاءِ ڪيا هئا.“ ملائڪ چوندا: ”هي اُهو بدنصيب شخص آهي، جنهن جون نيڪيون هن جا گهر وارا ڪٽي ويا ۽ هي انهن جي ڪري دوزخ ۾ هليو ويو.“ (قرة العُيون ،الباب الثامن فی عقوبة قاتل...الخ، ص۴۰۱ )

گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہو گی
ہائے! میں نارِ جہنّم میں جلوں گا یاربّ!

دَردِ سر ہو یا بُخار آئے تڑپ جاتا ہوں
میں جہنم کی سزا کیسے سہوں گا یارب!

(وسائلِ بخشش،ص:۸۵)

www.dawateislami.net

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪيو! ان شخص جي بد نصيبي جو ڇا عالَم هوندو جيڪو پنهنجي اهل وعيال جي خاطِر حرام ڪمائيندو رهيو ۽ قيامت جي ڏينهن ان جا گهر وارا ئي ان جون تمام نيڪيون حاصل ڪري نجات ماڻن ۽ هو پاڻ ڦَلّاش (ڪنگال) رهجي وڃي. اسان جي مُعاشري جا حالات ايتري قدر خراب ٿي چڪا آهن جو مال جي حرص ۽ هوَس ۾ مبُتلا ٿي ڪاروبار ۾ خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا گناهه ڪيا ويندا آهن، نقلي، ملاوٽ واري ۽ عيب دار شيءِ کي اصلي، معياري ۽ اعليٰ ڪوالٽي جي ٻڌائي وڪڻيو پيو وڃي، خريدار جيڪڏهن ڪنهن خرابي جي نشاندهي ڪري ته ان کي يقين ڏيارڻ جي لاءِ ڪوڙا قسم کڻڻ کان به پاسو ناهي ڪيو ويندو، اهڙي طرح بعض ماڻهن تہ امير ۽ ڪبير بڻجڻ، مهانگي مهانگي گاڏين ۾ گهمڻ، شُهرت ۽ منصب لاءِ جديد ترين سهولتن کان موج ڪرڻ، جائيداد، مِلز (Mills) ۽ فيڪٽرين جا مالڪاڻا حُقوق جو اهڙو ڀُوت سوار آهي جو اهي ٻين جي وات جو گرهه کسي پنهنجو بينڪ بيلنس مضبوط بنائڻ جي ڪوشش ۾ رهن ٿا، چاهي ان راهه ۾ ڪنهن جو گهر اجاڙڻو پوي، ڪنهن جي جان وڃڻي پوي، ڪنهن جو حق دٻائڻو پوي، پروا نٿا ڪن.

ٿورو غور ڪيو تہ اسان پنهنجي ذاتي مُعاملن ۾ تہ حد کان وڌيڪ محتاط هوندا آهيون تہ ڪو اسان کي ڌوڪو نہ ڏئي وڃي، مثال طور گاڏي ۾ پيٽرول پرائڻو پوي، وڏا نوٽ وٺڻا پون، دُڪان، مڪان، زمين ۽ ٻيون شيون وغيره خريد ڪرڻيون پون، ڪنهن شيءِ جا ڪاغذات ٺهرائڻا پون تہ خوب ڇنڊ ڇاڻ ڪيون ٿا ۽ جيستائين دل مطمئن ناهي ٿيندي، ڪو قدم نٿا کڻو، پر افسوس صد ڪروڙ افسوس! تہ جڏهن ڳالهه اچي ٿي حلال ۽ پاڪ روزي ڪمائڻ، کائڻ ۽ حرام و ناجائز شين کان بچڻ جي تہ ايتري قدر بي احتياطيون ڪيون

www.dawateislami.net

ويندڙيون آهن جو دل رت روئي ته به گهٽ آهي. حرام ڪائڻ سان ڪهڙيون تباهيون اچن ٿيون، هن باري ۾ 4 فرامينِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهو ۽ حرام ڪان بچڻ جي نِيت به ڪري وٺو.

1. انهيءَ ذات پاڪ جو قسم، جنهن جي قبضيءِ قدرت ۾ محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي جان آهي! ٻانهو حرام جو گرهه پنهنجي پيٽ ۾ وجهي ٿو ته انهيءَ جا 40 ڏينهن جا عمل قبول نٿا ٿين ۽ جنهن ٻانهي جو گوشت حرام ۽ وياج سان نپي وڏو ٿيو (يعني وڌيو) هجي، انهيءَ جي لاءِ باهه وڌيڪ بهتر آهي. (معجم اوسط ،من اسمه محمد،۵ /۳۴، حديث: ٦۴۹۵)

2. جڏهن مُردي کي تَخت تي رکي کنيو ويندو آهي ته ان جو رُوح ڦرڙات ڪري تَخت تي ويهي نِدا ڪندو آهي ته اي منهنجا گهروارو! دُنيا توهان سان ائين نه کيڏي جيئن ان مون سان کيڏيو، مون حَلال ۽ غيرِ حَلال مال گڏ ڪيو ۽ پوءِ اهو مال ٻين جي لاءِ ڇڏي آيس ان جو نَفعو انهن جي لاءِ آهي ۽ ان جو نُقصان مون لاءِ، پوءِ جيڪو ڪجهه مون تي گُذريو آهي، ان مان عبرت حاصل ڪريو. (التذكرة للقُرطبي،باب ماجاء ان ملك الموت ...الخ،ص٦٩)

3. جيڪو شخص 10 درهمن ۾ هڪ ڪپڙو خريدي ۽ ان درهمن ۾ حرام جو هڪ دِرهم به شامل هجي ته الله عَزَّ وَجَلَّ ان وقت تائين ان جي ڪا نماز به قَبول ناهي فرمائيندو ته جيستائين ان ڪپڙي مان ڪجهه به ان جي استعمال ۾ رهي. (كنزالعمال،كتاب البيوع،الجزء۴،۸/۲،حديث: ۹۲٦۰)

4. الله عَزَّوَجَلَّ جو هڪ ملائڪ هر ڏينهن ۽ رات ۾ بيتُ المقدس جي ڇت تي نِدا ڪندو آهي: جنهن حرام کاڌو ته الله عَزَّوَجَلَّ نه ته ان جو ڪو فرض قبول فرمائيندو نه ئي ڪو نفل. (اتحاف السادة ،كتاب الحلال والحرام ،الباب الاول في فضيلة الحال...الخ، ٦/ ۴۵۲)

www.dawateislami.net

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادِري رضوي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه حرام کائڻ وارن، عهد ٽوڙڻ وارن، ڪوڙ ڳالهائڻ وارن کي چِڙ تہ چوٽ ڪندي سمجهائي رهيا آهن:

کھائیں رزقِ حرام، ایسے ہیں بد لگام ان کو کس نے کہا؟ عاشقان رسول
عہد توڑا کریں، جھوٹ بولا کریں ان کو کس نے کہا؟ عاشقان رسول
(وسائل بخشش مرمم،ص٦٥٠)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سيدنا امام ابنِ جوزي جي نصيحت

حضرت سَيِّدُناعبدُالرّحمٰن بن علي جوزي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: حرام غذا هڪ اهڙي باھ آهي جيڪا فڪر جي چربي ڳاري ڇڏيندي آهي ۽ حلاوتِ ذڪر واري لذت ختم ڪري ڇڏيندي آهي ۽ سچي نيتن جا لباس ساڙي ڇڏيندي آهي ۽ حرام سان ئي اکين جي روشني جو انڌوپن پيدا ٿيندو آهي. تنهن ڪري حلال مال جمع ڪريو ۽ ان کي وچٿري انداز ۾ خرچ ڪريو پاڻ بہ حرام کان بچو ۽ پنهنجي گهر وارن کي بہ ان کان بچايو ۽ حرام خورن جي صحبت ۾ نہ ويهو ۽ انهن جو ڪاڌو کائڻ کان بچندا رهو ۽ جنهن جي روزي جو ذريعو حرام هجي، ان جي صحبت اختيار نہ ڪريو جيڪڏهن توهان پنهنجي پرهيزگاري ۾ سچا آهيو تہ نہ ئي ڪنهن کي حرام جو رستو ڏسيو جو جيڪڏهن هو ان کي کائي وٺي تہ ان جو حساب توهان کان ورتو وڃي ۽ نہ ئي حرام جي حاصل ڪرڻ ۾ ڪنهن جي مدد ڪريو ڇاڪاڻ تہ مددگار بہ عمل ۾ شامل ئي هوندو آهي. ياد رکو! حلال کائڻ سان ئي عمل مقبول ٿيندا آهن، فاقي ۽ تنگدستي کي لڪائڻ ۽ اڪيلائي ۾ روئي روئي آهون پرڻ کي عملن جي قبوليّت ۽ حلال رزق ڪمائڻ جي سلسلي ۾ انتهائي اهم مقام حاصل آهي. (آنسوؤں کا دریا،ص٢٨٤)

## سيدنا بهاءُ الدين زكريا ملتاني جو تاكيد

حضرت سَيدُنابهاءُ الدّين زكريا ملتانيرَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيه پنهنجن مُريدن کي اکثر اها نصيحت فرمائيندا هئا: پنهنجي ٻار ٻچن کي حلال رزق کارايو، جيڪڏهن ذرّي برابر به ناجائز ۽ حرام ڪمائي ڪنهن پنهنجي زوجه ۽ اَولاد کي کارائي ته ان جي اندر به حرام رِزق جو تاثير پيدا ٿي ويندو آهي. انسان حرام کاري جا ڪم وَلَدُالحرام هئڻ جي ڪري ئي ناهي ڪندو بلڪ اڪثر حرام کاري رزقِ حرام جي کائڻ سان ٿيندي آهي، ان ڪري رِزقِ طيب جو حُصُول ۽ تلاش جاري رکڻ گهرجي. (فيضانِ بهاءُ الدين زكريا ملتاني،٥٢)

نارِ دوزخ میں نہ لے جائے کہیں مال حرام کر لو توبہ چھوڑ دو اے بھائیو !سب ہیر پھیر
(وسائل بخشش مرمم،ص٢٣٤)

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰه تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عُموماً بعض ماڻهو اها شڪايت ڪندا آهن ته اهي وڏي عرصي کان فُلاڻي پريشاني يا بيماري ۾ مبُتلا آهن، ان کان نجات جي لاءِ باڏائي دُعائون ڪن ٿا، ورد وظيفا به پڙهن ٿا، نماز روزي جي پابندي به ڪن ٿا، صدقو ۽ خيرات به ڪن ٿا، بُزرگن جي آستانن تي وڃي دُعائون به گهرن ٿا، ٻڪاين کي ڪاڏو به کارائن ٿا، سُنّتن ڀري اجتماعن ۾ به شرڪت ڪن ٿا، ڪيئي ڀيرا مدني قافلن ۾ به سفر ڪيو، ڪو پير فقير ناهي ڇڏيو، طرح طرح جا حيلا ڪيا پر پريشانيون ختم ٿيڻ بدران مزيد وڌنديون پيون وڃن، ڪن نادان کي ته هيئن به چوندي ٻُڌو ويندو آهي: ”خبر ناهي اهڙو ڪهڙو گناه ٿي ويو آهي جنهن جي اسان کي سزا ملي رهي آهي-“ اهڙي طرح ”اندر جي باهه“ ڪڍڻ واري کي گهرجي ته اهي دُعا قَبول نه ٿيڻ تي شڪوا شڪايت

www.dawateislami.net

ڪرڻ جي بدران ان جي اَسباب تي غور ڪن تي سگهي ٿو تہ قَبوليتِ دُعا جي راهہ ۾ رُڪاوٽ پاڻ ان جو پنهنجو ڪردار بڻيو هجي، مثال طور دُعا جي قبوليت ۾ حرام خوري آڏو اچي ويندي آهي، جنهن سبب دُعائون قبول ناهن ٿينديون، جيئن تہ رحمت عالَم، نورِ مجسّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي ۽ پاڪ کي ئي دوست رکي ٿو ۽ هن مؤمنن کي اهو ئي حڪم ڏنو آهي، جيڪو مرسلين کي ڏنو هو، جيئن رسولن جي لاءِ ارشاد فرمايو:

يٰۤاَيُّهَا الرُّسُلُ كُلُوْا مِنَ الطَّيِّبٰتِ وَ اعْمَلُوْا صَالِحًا ؕ اِنِّيْ بِمَا تَعْمَلُوْنَ عَلِيْمٌ ؕ۵۱ (پ18،المومنون:51)

**ترجموڪنزالايمان:** اي پيغمبرو پاڪيزه شيون کائو ۽ چڱا ڪم ڪريو مان توهان جي عملن کي ڄاڻان ٿو.

۽ مومنين کي ارشاد فرمايو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ (پ2،البقرة:172)

**ترجمو ڪنزالايمان:** اي ايمان وارؤ کائو اسان جو ڏنل پاڪ شيون.

پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هڪ شخص جو ذڪر ڪيو، جيڪو ڊگهو سفر ڪري ٿو، جنهن جا وار پَرِيَّشان(وکريل) ۽ بدن ڌوڙ سان پريل آهي ۽ هو پنهنجا هٿ آسمان ڏانهن کڻي ڪري يا رب! يا رب! چوي ٿو، حالانڪ ان جو کائڻ حرام، پيئڻ حرام، لباس حرام ۽ غذا حرام هجي، پوءِ انهيءَ جي دعا ڪيئن قبول ٿيندي؟ (مسلم، كتاب الزكاة، باب قبول الصدقة...الخ، ص٥٠٦،حديث:٦٥ (١٠١٥))

اعليٰ حضرت جا والدِ گرامي حضرت علامہ مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: کائڻ پيئڻ لباس ۽ ڪسب ۾ حرام کان اِحتياط ڪري چوتہ حرام

خور ۽ حرام ڪار (حرام ڪائڻ واري ۽ حرام ڪم ڪرڻ واري) جي دُعا اڪثر رَد ٿيندي آهي. (فضائلِ دعا ،ص٦٠)

نہ کر رد کوئی اِلتجا یاالٰہی ہو مقبول ہر اِک دُعا یاالٰہی
(وسائل بخشش مرمم،ص١٠٦)

اچو! هن باري ۾ هڪ عبرت آموز حڪايت ٻڌون تا ۽ عبرت جا مدني گل حاصل ڪيون ٿا،

## دُعا قبول نہ ٿيڻ جو سبب

حضرتِ سيدُنا عُبّاد خوّاص رَحْمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیْہ کان منقول آهي: هڪ ڀيري حضرت سيدُنا مُوسيٰ عَلٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام ڪنهن هنڌ تان لنگهيا تہ ڏٺائون تہ هڪ شخص هٿ کڻي روئي روئي وڏي رِقّت انگيز انداز ۾ مصروفِ دُعا هئا.حضرت سيدُنا موسيٰ ڪليمُ الله عَلٰي نَبِيِّنَا وَ عَلَيه الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام ان کي ڏسندا رهيا، پوءِ بارگاھ خُداوندي ۾ عرض گُذار ٿيا: اي منهنجا رحيم ۽ ڪريم پروردگارعَزَّوَجَلَّ! تون پنهنجي ان ٻانهي جي دُعا ڇو قبول نہ پيو ڪرين؟ الله عَزَّوَجَلَّ سندن عَلَيه الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام ڏانهن وحي نازل فرمائي: اي موسيٰ! جيڪڏهن اهو شخص ايترو روئي، ايترو روئي جو ان جو ساھ نڪري وڃي ۽ پنهنجا هٿ ايترا بُلند ڪري جو آسمان کي لڳن، تڏهن بہ ۾ ان جي دُعا قبول نہ ڪندس. حضرت سيدُنا مُوسيٰ ڪليمُ الله عَلَيه الصَّلٰوۃ وَالسَّلَام عرض ڪيو: منهنجا موليٰ عَزَّ وَجَلَّ! ان جو ڇا سبب آهي؟ ارشاد ٿيو: اهو حرام ڪائي ٿو ۽ حرام پائي ٿو ۽ ان جي گھر ۾ حرام مال آهي.
(عيون الحڪايات،حصه دوم،ص١٩٦)

دھوکہ بازی میں نُحوست ہے بڑی یاد رکھ اس کی سزا ہو گی کڑی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ جيڪو حرام کائي ٿو، حرام پائي ٿو ۽ پنهنجي گهر ۾ حرام مال رکي ٿو تہ اهو پنهنجي دُعائن جي ثمرات کان پاڻ کي محروم ڪري ٿو ۽ قهرِ قهار ۽ غضبِ جَبَّار ۾ گرفتار ٿي عذابِ نار جو حقدار ٿئي ٿو، تنهنڪري جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا تہ اسان جون دُعائون بارگاهِ خُداوندي ۾ مقبول ٿين ۽ الله عَزَّ وَجَلَّ جي ناراضي کان امن نصيب ٿئي تہ اسان کي کپي تہ صرف حلال کائڻ ئي پنهنجي عادت بڻايون ۽ حرام و ناجائز شين کان بچندا رهون، بالفرض جيڪڏهن گهٽ پگهار ۾ ڪنهن جو گُذر سفر نہ ٿيندو هجي تہ هو غير ضروري خرچن کان جند ڇڏائي، نہ اهو جو مال جي حرص ۾ حرام ذريعا اختيار ڪري، ڪڏهن ڪڏهن گهر، سهرا يا عزيز ۽اَقارب ۾ گهٽ پگهار جي ڪري طرح طرح جون ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ ملن ٿيون، اهڙن موقعن تي عقلمندي جي تقاضا هي آهي تہ صبر۽شڪر سان قليل آمدني ۾ بہ توڪل ۽ قناعت جو ذِهن بڻائي. بعض نادان هنن حالتن کان تنگ اچي همت هاري ويندا آهن ۽ جُوا، پتو، وياج ۽ رِشوت وغيره حرام ڪمن ۾ پئجي ويندا آهن، پاڻ بہ حرام مال کائيند آهن ۽ پنهنجي گهر وارن کي بہ حرام مال کارائيندا آهن، ائين پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي گهر وارن جي لاءِ هلاڪت ۽ بربادي کي دعوت ڏيندا آهن . اچو! بارگاهِ رِسالت ۾ اِلتجاء ڪريون ٿا:

رہیں سب شاد گھر والے شہا تھوڑی سی روزی پر عطا ہو دولتِ صبر و قناعت یارسول اللہ

(وسائل بخشش مرمم،ص۳۳۲)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ انسان کي هلاڪت جي وادين ۾ ڌڪڻ جي پويان بعض اوقات گهر وارن ۽ رشتيدارن جو ڪردار هوندو آهي، تنهنڪري اسان کي کپي تہ اسان روزي ڪمائڻ ۽ مال گڏ ڪرڻ ۾ ايترا

www.dawateislami.net

مشغول نہ ٿيون جو گھر وارن جي اسلامي تربيت کان ئي غافل ٿي وڃون، ان کري ضرورت مطابق حلال روزي ڪمايو ۽ ضرور ڪمايو، پر گڏوگڏ اها ڳالھ بہ ذهن نشين رکو تہ گھر وارن جي سنّتن مطابق مدني تربيت ڪرڻ بہ گھر جي سرپرستن تي لازم آهي، پر ان جي لاءِ ضروري آهي تہ اهي پاڻ بہ ڪنهن سني ماحول سان وابستہ هجن ۽ انهن جو پنهنجو بہ مدني ذهن ٺهيل هجي، نہ تہ ڪاميابي جي اُميد رکڻ بي فائدو آهي، عام طور ڏٺو ويندو آهي تہ والدين پنهنجي اولاد جي لاءِ وڏي دردمندي سان دُعا جي لاءِ اِلتجائون ڪري رهيا هوندا آهن تہ سائين دُعا ڪريو: منهنجو اولاد نمازي بڻجي وڃي، پاڻ چاهي جُمعو بہ نہ پڙهندو هجي، سائين دُعا ڪريو: منهنجو اولاد قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪري، پاڻ چاهي رمضان جي مهيني ۾ ئي قرآنِ ڪريم کولي ڏسندو هجي، سائين دُعا ڪيو: منهنجو اولاد سڌي واٽ تي اچي وڃي، فلمون ڊراما، بُري دوستيون ڇڏي ڏئي، پاڻ چاهي جوان پٽن، ڌيئرن سان گڏ گناهن ڀريا چينلز ڏسڻ ۾ ڪو شرم محسوس نہ ڪندو هجي، پاڻ چاهي گناهن ڀري مقامات ۾ وڏي شوق سان ويهي وقت ضائع ڪندو هجي.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اولاد جي نيڪ ٿيڻ جي تمنّا واقعي نهايت سني آهي، پر اسان کي پنهنجي ذاتي ڪردار جو جائزو وٺڻو پوندو، پنهنجي گريبان ۾ ڏسڻو پوندو، علمِ دِين حاصل ڪري ان تي عمل ڪرڻ پوندو، حلال روزي ۾ حرام جا جيترا بہ ذريعا شامل ٿي سگھن ٿا، ان مان پنهنجو پاڻ کي خبردار رکڻو پوندو، قدم قدم تي عُلماءِ اهلسنّت کان رابطي ۾ رهڻو پوندو، بعض اوقات غير شرعي ڪم ٿي وڃڻ کان بعد ان جي شرعي رهنمائي ورتي ويندي آهي تہ فُلاڻو ڪم منهنجي لاءِ جائز هو يا ناجائز. اي ڪاش! ڪو بہ نئون ڪم، ڪاروبار شروع ڪرڻ کان پهريان ان ڪم جي باري ۾ شرعي رهنمائي وٺڻ جو مدني ذهن بڻجي وڃي تہ مان فُلاڻو ڪم ڪرڻ چاهيان ٿو، ان ڪي شريعت

www.dawateislami.net

جي تقاضن مطابق مون کي ڪيئن ڪرڻون پوندو؟ ڇا اهو ڪم منهنجي لاءِ جائز ۽ حلال آهي يا نه؟

ڪيئي ڪم، ڪاروبار اهڙا هوندا آهن جنهن ۾ ٻه يا ان کان گهڻا ماڻهو گڏجي ڪندا آهن، جنهن کي اسان شراڪت داري (Partnership) چوندا آهيون اهڙين صُورت ۾ ته وڌيڪ احتياط جي حاجت آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدرسة المدينہ بالغان“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! گهر وارن جي اصلاح ۽ انهن جي مدني تربيت جو گُر سکڻ ۽ گهر ۾ مدني ماحول بنائڻ جي مقصد ۾ ڪاميابي ماڻڻ جي لاءِ دعوتِ اِسلامي جي مَدَني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ 12 مدني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصّو وٺو. 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم ”مدرسة المدينہ بالغان“ به آهي. دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول ۾ روزانو هر ذيلي حلقي (مسجد، مارڪيٽ، دفتر، بازار وغيره) ۾ بالغ اسلامي ڀائرن کي درست مخارج سان ڪم وبيش63منٽ جي لاءِ فِي سَبِيلِ الله قرآنِ ڪريم پڙهائڻ جو سلسلو ٿيندو آهي، جنهن کي مدرسة المدينہ بالغان چوندا آهن. قرآنِ ڪريم جي تعليم حاصل ڪرڻ ۽ ان جي تلاوت ڪرڻ جي برڪتن جي ڇا ڳالهه ڪجي جو صاحبِ جُود و نوال، محبوبِ رَبِّ ذُوالجلال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: قرآنِ پاڪ سکڻ، ان جي ڪثرت سان تلاوت ڪرڻ ۽ ان جي عجائبات ۾ غور و فڪر ڪرڻ پاڻ تي لازم ڪري وٺو، ان جي ذريعي توهان جنت ۾ (بلند) درجات کي حاصل ڪندو. (ڪنزالعمال،ڪتاب الاذڪار،الباب السادس في تلاوة القرآن وفضائله،١/ ٢٦٦،حديث:٢٣٦٥)

www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهڻ جي برڪت سان هن وقت تائين ڪيئي اسلامي ڀائرن دُرُست تلفُّظ سان قرآنِ پاڪ پڙهڻ سکي ورتو آهي ۽ انهن جي زندگي ۾ مدني انقلاب برپا ٿي ويو. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ ايمان افروز مدني بهار ٻڌو ۽ خوش ٿيو، جيئن

## اِسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کر دیا دیکھو

هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: منهنجا گناهه تمام گهڻا هئا جنهن ۾ مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ V.C.R جي لِيڊ سپلائي ڪرڻ، روزانو ہہ بلڪ ٽي ٽي فلمون ڏسڻ، وِرائٽي پروگرامز ۾ راتيون ڪاريون ڪرڻ شامل هو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ بابُ المدينہ ڪراچي جي عَلائقي نيا آباد جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي مسلسل اِنفِرادي ڪوشِش جي بَرَڪت سان علائقي جي مدرسة المدينہ (بالِغان) ۾ وڃڻ جي ترڪيب بڻي ۽ اهڙي طرح عاشقانِ رسول جي صُحبت ملي ۽ مان تبليغ قرآن وسنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ، دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابَستہ ٿي مَدَني ڪمن ۾ مصروف ٿي ويس.

گنہگارو آؤ، سیہ کارو آؤ گناہوں کو دیگا چھڑا مَدَنی ماحول

(وسائلِ بخشش مرمم،ص٦٤٨)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ٻڌو تہ گناهن جي تاريڪ وادين ۾ گم اسلامي ڀاءُ مدرسة المدينہ (بالغان) جي برڪت سان ٻين کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارو بڻجي ويا. يقيناً مدرسة المدينہ (بالغان) ۾ شرڪت جون گهڻيون برڪتون آهن. ان ڪري توهان پاڻ بہ ان ۾ شرڪت ڪريو ۽ ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ شرڪت جي دعوت ڏيو، جيڪڏهن توهان پنهنجي ڪاروباري مصروفيات جي ڪري مدرسة المدينہ (بالغان) ۾ شرڪت نٿا ڪري سگهو تہ ان جو بهترين حل

اهو به آهي ته جتي اوهان کم کيو ٿا، مثال طور آفس، دڪان، فيڪٽري، بازار، مارڪيٽ يا ڪارخاني وغيره ۾ ئي مناسب وقت تي مدرسة المدينہ (بالغان) جي ترڪيب ڪريو، جي ها! پنهنجي قريبي دعوتِ اسلامي جي ڪنهن ذيلي حلقي يا مدني تربيت گاهه سان رابطو ڪيو، انهن جي معاونت ۽ رهنمائي سان پنهنجي ئي علائقي ۾ مدرسة المدينہ (بالغان) جي ترڪيب بڻائي وٺو، اهڙي طرح جتي توهان پاڻ کي قرآنِ پاڪ سکڻ ۽ نيڪ صحبتون ماڻڻ جون برڪتون ملنديون، اتي توهان جي تعاون سان ڪيئي ڀين اسلامي ڀائرن کي به اهي سعادتون ملنديون. ان ڪري ڪوشش ڪيو ۽ ڪم جي هنڌن تي مدرسةالمدينہ (بالغان) قائم ڪيو.

يہی ہے آرزو تعلیمِ قرآں عام ہو جائے
تلاوت کرنا صبح و شام میرا کام ہو جائے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جهڙي طرح عام حالات ۾ حرام ڪائڻ کان شريعت اسان کي سختي سان منع ڪيو آهي، اهڙي طرح بيماري جي حالت ۾ دوا طور به حرام ڪائڻ ۽ پيئڻ اسان جي لاءِ حرام قرار ڏنو آهي، پر پوءِ به ماڻهو حلال ۽ پاڪيزه شين کي ڇڏي حرام شين ۾ شفا ڳوريندا آهن. ياد رکو! جنهن شي کي الله عَزَّ وَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حرام فرمايو آهي، ان ۾ ڪا شفا ناهي ۽ نه ئي بطورِ دَوا ان کي کائڻ پيئڻ اسان جي لاءِ حلال ۽ جائز آهي، جيئن اُمُّ المومنين حضرت سيدَتُنا اُمِّ سَلَمَہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہا فرمائن ٿيون: منهنجي ڌيءَ بيمار ٿي پئي ته مون اُن جي لاءِ هڪ ڪونڊي ۾ نبيذ (پاڻي ۾ کجور وجهي ناهيو ويندڙ مشروب) ناهيو. رسولِ اڪرم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون وٽ تشريف فرما ٿيا ته اهو نبيذ جوش کائي رهيو هو (يعني

www.dawateislami.net

انهيءَ تي گَج پيدا ٿي چڪي هئي). پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: ”اي اُمِّ سَلمہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡها! هي ڇا آهي؟“ مون عرض ڪيو تہ منهنجي ڌيءَ بيمار ٿي آهي ۽ مون هي نبيذ ان جي لاءِ ٺاهيو آهي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”الله عَزَّوَجَلَّ جيڪا شيءِ منهنجي اُمت تي حرام ڪئي آهي، اُنهيءَ ۾ انهن جي لاءِ شِفا ناهي رکي.“ (معجم كبير،حسان بن المخارق عن ام سلمة، حديث:٢٣،٣٢٦/٧٤٩ )

حضرت سَيدُنا ابن الحاج مالڪي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا حرام شين مان فائدو وٺڻ سان برڪت ختم ٿي ويندي آهي. (المدخل،فصل في نية الناسخ وكيفيتها،٣٠٧/٢)

حضرتِ علّامہ مولانا مُفتي محمد امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه بهارِشريعت ۾ فرمائن ٿا: حرام شين کي دَوا طور تي بہ استعمال ڪرڻ ناجائز آهي ڇو تہ حديث ۾ ارشاد فرمايو : جيڪي شيون حرام آهن، ان ۾ الله تعاليٰ شفا ناهي رکي. (معجم كبير،حسان بن المخارق عن ام سلمة، حديث:٧٤٩، ٣٢٦/٢٣ ملخصاً) ڪنهن شيءِ جي باري ۾ هرگز اهو يقين نٿو ڪري سگهجي تہ ان سان مرض ختم ٿي ويندو، وڌ کان وڌ ظن ۽ گمان ٿي سگهي ٿو، علم ۽ يقين نہ، پاڻ علمِ طِب جا قواعد ۽ اُصول ئي ظَنّي آهن، تنهنڪري يقين حاصل ٿيڻ جي ڪا صورت ناهي. (بهارِ شريعت، حصه٣،٥٠٥/١٦)

بِلا ضرورتِ شرعيہ شِفا حاصل ڪرڻ جي غرض سان حرام شين کي دوا طور پيئڻ جو انجام ڪيتري قدر پيانڪ ٿئي ٿو، ان باري ۾ شيخِ طريقت، اميرِ اَهلسُنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه پنهنجي پياري تصنيف ”غيبت جون تباھ ڪاريون“ صفحي نمبر174 تي هڪ عبرت آموز حڪايت نقل فرمائي آهي، اچو! اسان بہ اها حڪايت ٻڌون ٿا ۽ ان مان مدني گل حاصل ڪيون ٿا،

حضرت سيِّدُنا فُضَيل بن عياض رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه پنهنجي هڪ شاگرد وٽ سَڪرات جي وقت تشريف وٺي آيا ۽ اُن وٽ ويهي سورة ياسين شريف پڙهڻ لڳا تہ ان

شاگرد چيو: ”سوره ياسين پڙهڻ بند ڪيو.“ پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه اُن ڪي ڪلمي شريف جي تلقين فرمائي. هن چيو: ”آئون هرگز اهو ڪلمو ڪونہ پڙهندس، آئون انهيءَ کان بيزار آهيان.“ بس هنن لفظن تي اُن ڪي موت اچي ويو. حضرت سيِّدُنا فُضَيل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه کي پنهنجي شاگرد جي بُري خاتمي جو سخت صدمو ٿيو. چاليهہ ڏينهن تائين پنهنجي گهر ۾ وينا روئيندا رهيا. چاليهہ ڏينهن کان پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جن خواب ۾ ڏٺو تہ ملائڪ ان شاگرد کي جهنم ۾ گِهيلي رهيا آهن. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه ان کان معلوم فرمايو: ”ڪهڙي سبب کان اللهعَزَّوَجَلَّ تنهنجي مَعرفت کسي ورتي؟ منهنجن شاگردن ۾ تہ تنهنجو مرتبو تمام گهڻو بلند هو.“ ان جواب ڏنو: ”ٽن عيبن جي ڪري: (1) چغلي جو آئون پنهنجن ساٿين کي ڪجهہ ٻڌائيندو هئس ۽ توهان کي ڪجهہ ٻيو. (2) حسد جو آئون پنهنجن ساٿين سان حسد ڪندو هئس. (3) شراب نوشي، جيئن تہ هڪ بيماريءَ کان شفا پائڻ جي غرض سان طبيب جي مشوري تي هر سال شراب جو هڪ گلاس پيئندو هئس.“ (منهاج العابدين،ص۲۱۰ملخصاً)

ڈر لگتا ہے ایماں کہیں ہو جائے نہ برباد　　سرکار بُرے خاتمے سے مجھ کو بچانا

(وسائلِ بخشش مرمم،ص۳۵۲)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! خوفِ خدا جي ڪري ڏجي وڃو ۽ گهبرائجي الله کي راضي ڪرڻ جي لاءِ هن جي بارگاهِ بيڪس پناهہ ۾ جهڪي وڃو: هاءِ ! چغلي، حسد ۽ شفا جي غرض سان هر سال شراب جو صرف هڪ گلاس پيئڻ جي نحوست سبب سَيدُنا فضيل بن عياض رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيه جهڙي ولي ڪامل جو شاگرد بہ هلاڪت کان نہ بچي سگهيو، مرڻ وقت ڪفريہ ڪلمات ڳالهائي مئو ۽ پوءِ عذابِ نار جو حقدار ٿيو. غور ڪيو تہ جڏهن حرام شين جو هڪ گلاس اهو بہ

www.dawateislami.net

بطورِ دوا پيئڻ جي ايتري نحوست آهي ته جيڪي ماڻهو بي حيائي ۽ بي غيرتي جو مُظاهرو ڪندي بِلا عذر لڪي يا کُلم کُلا حرام خوري ۽ شراب نوشي ڪن ٿا اهي ڪيتري قدر قهرِ قهار ۽ غضبِ جبّار جو شڪار ٿيندا هوندا ۽ انهن جو انجام ڪيترو بُرو ٿيندو، تنهنڪري هر مسلمان کي گهرجي ته هو الله عَزَّوَجَلَّ جي خفيه تدبير کان هميشه ڊڄندو رهي ۽ پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪرمند رهي ڪڏهن به پنهنجي مقام ۽ منصب ۽ نيڪين تي ڀروسو نه ڪري.

تیرے ڈر سے سدا تھر تھراؤں خوف سے تیرے آنسو بہاؤں
کیف ایسا دے، ایسی ادا کی میرے مولیٰ تُو خیرات دیدے

(وسائل بخش مرمم،ص۱۲۸)

## مجلسِ رابطہ بالعلما والمشائخ

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ تبليغ قرآن وسنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي 200 کان وڌيڪ ملڪن ۾ خدمتِ دين جي 103 کان وڌيڪ شعبن ۾ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. هنن شعبن مان هڪ شعبو ”مجلسِ رابطہ بالعلما والمشائخ“ ينالي سان به به آهي جنهن جو بنيادي مقصد سُنّي علماء ڪرام ۽ مشائخ عظام مثال طور مسجدن جي امامن خطيبن ۽ پيرانِ طريقت وغيره کي دعوتِ اسلامي جي دِيني خدمتن کان آگاه ڪرڻ، مدني ڪمن ۾ انهن جي مدد حاصل ڪرڻ، انهن جون دعائون وٺڻ ۽ سُنّي جامعات ۽ مدارس ۾ مدني ڪمن جي ترڪيب بنائڻ، هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۽ هفتيوار مدني مذاڪري، مختلف تربيتي اجتماعن ۾ سُنّي جامعات ۽ مدارس جي شاگردن کي شرڪت ڪرائڻ، انهن جي لاءِ مناسب خيرخواهي جو اِنتظام ڪرڻ آهي.الله تعاليٰ دعوتِ اسلامي ۽

www.dawateislami.net

مجلسِ رابطہ بالعلما والمشائخ کي وڌيڪ ترقيون عطا فرمائي ۽ اسان کي دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان سچي پڪي وابستگي نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں اے دعوتِ اسلامی تری دُھوم مچی ہو

(وسائل بخشش مرمم،ص۳۱۵)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان حلال کائڻ جي فضيلت ۽ حرام کائڻ جي نقصانن جي باري ۾ ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي،

- حلال کائڻ گناهن جي معافي جو ذريعو آهي.
- قرآنِ ڪريم ۾ جڳهه جڳهه حلال کائڻ بابت احڪام موجود آهن.
- حلال کائڻ قبوليت ِدُعا جو سبب آهي.
- حلال کائڻ اللّٰہ عَزَّ وَجَلَّ ۽ ان جي رسول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي رضا حاصل ڪرڻ جو سبب آهي.
- حلال کائڻ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي نهايت وڏي نعمت آهي.
- حلال کائڻ عبادتن ۾ لذّت ماڻڻ جو سبب آهي.
- جڏهن ته حرام کائڻ دوا طور به شرعاً جائز ناهي.
- حرام ۾ نه ته شفا آهي ۽ نه ئي ان جي نفعي ۾ ڪنهن قسم جي برڪت .
- حرام کائڻ سان دل سخت ٿيندي آهي .
- حرام کائڻ سان مال و دولت جو حرص ايتري قدر وڌندو آهي جو بعض اوقات انسان قتل و غارت گري ۾ به مبتلا ٿي ويندو آهي.

- حرام ڪائڻ ۾ آخرت جي بربادي آهي .
- حرام ڪائڻ وارو شخص آخرِ ڪار سخت ترين مصيبتن، پريشانين ۽ آزمائشن جو شڪار ٿيڻجي ويندو آهي .
- حرام ڪائڻ واري جون دعائون قبول ناهن ٿينديون.
- سڀ کان وڌيڪ اهو جو حرام ڪائڻ وارو عذابِ نار جو حق دار آهي.

الله تعاليٰ پنهنجي مدني حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي هر مسلمان کو حرام ۽ مشڪوڪ شيون ڪائڻ کان محفوظ فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،١/٩٧،حديث:١٧٥)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سمهڻ جاڳڻ جون سنتون ۽ آداب

اچو! شيخ طريقت،امير اهلسنّت،باني دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي 101مدني گل مان سمهڻ جاڳڻ جون سنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا:

◈ سمهڻ کان اڳ ۾ بستري کي چڱي طرح ڇنڊيو تہ جيئن ڪا ايذاءُ ڏيندڙ شيءِ وغيره هجي تہ نڪري وڃي ◈ سمهڻ کان اڳ هيءَ دعا پڙهي وٺو: اَللّٰھُمَّ بِاسْمِکَ اَمُوْتُ وَ اَحْیَا **ترجمو:** اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان تنهنجي نالي سان ئي مران ٿو ۽ جيان ٿو (يعني سمهان ٿو ۽ جاڳان ٿو) (بخاري، حديث 6325 ج 4 ص 196) ◈ **عصر کان پوءِ نہ سمهو عقل ختم ٿيڻ جو ڊپ آهي. فرمان مصطفي** صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”جيڪو شخص عصر کان پوءِ ستو ان جو عقل ختم ٿي ويو تہ پاڻ کي ملامت ڪري.“ (مسند ابي يعليٰ ج 4 ص 278 حديث 4897) ◈ ٻنپهرن جو قيلولو (ڪجھ دير ليٽڻ) مستحب آهي. (فتاويٰ هندية،٥/٣٧٦) صدرُ الشَّريعہ، بدرُ الطريقہ حضرت علامہ مولانا محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: غالباً هي انهن ماڻهن جي لاءِ هوندو آهي جيڪي رات جو جاڳندا آهن، رات جو نمازون پڙهندا آهن، ذِڪر الٰهي ڪندا ۽ ڪتاب پڙهڻ يا مطالعو ڪرڻ ۾ مشغول رهندا آهن تہ جيئن رات جو جاڳڻ ۾ جيڪا ٿڪاوٽ ٿي سا قيلولي سان ختم ٿي وڃي. (بهارشريعت ج 3 ص 435) ◈ ڏينهن جي ابتدائي حصي ۾ سمهڻ يا مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ سمهڻ مڪروه آهي. (عالمگيري ج 5 ص 376) ◈ سمهڻ لاءِ مستحب اهو آهي تہ پاڪائي سان سمهي ۽ ◈ ڪجھ دير ساڄي پاسي هٿ ڳل جي هيٺان رکي قبلي ڏانهن منهن ڪري سمهي ۽ ان کان پوءِ کاٻي پاسي سمهي. (ايضا) ◈ سمهڻ وقت قبر ۾ سمهڻ کي ياد ڪري تہ اُتي اڪيلو سمهڻو پوندو عملن کان سواءِ ڪير بہ گڏ نہ هوندو ◈ سمهڻ وقت ياد خدا ۾ مشغول هجي، تهليل، تسبيح ۽ تحميد پڙهي. (يعني لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ، سُبْحٰنَ الله ، ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه جو وِرد ڪندو رهي) ايستائين جو سمهي پوي انسان جنهن حالت تي سمهندو آهي اُن تي ئي اٿندو آهي ۽ جنهن حالت تي مرندو آهي اُن تي ئي قيامت جي ڏينهن اٿندو. (ايضا) ◈ جاڳڻ کان پوءِ هي دعا پڙهو: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیۡ اَحْیَانَا بَعْدَ مَآ اَمَاتَنَا وَاِلَیْهِ النُّشُوْرُ. (بخاري،١٩٦/٤،حديث: ٦٣٢٥) **ترجمو:** سڀ تعريفون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن جنهن اسان کي مارڻ کان پوءِ زنده ڪيو ۽ انهيءَ ڏانهن

www.dawateislami.net

موتيي وچڙو آهي. ◈ انهي وقت پڪو ارادو ڪري تہ پرهيز گاري ۽ تقويٰ اختيار ڪندو، ڪنهن کي بہ نہ ستائيندو. (فتاويٰ هندية،٥/٣٢٦)، ◈ جڏهن ڇوڪري يا ڇوڪرِيءَ جي ڄمار ڏهہ سال ٿئي تہ انهن کي الڳ الڳ سمهارڻ گهرجي بلڪ ان ڄمار جو ڇوڪرو ايڏي وڏي (يعني پاڻ جيڏن) ڇوڪرن يا (پاڻ کان وڏن) مردن سان گڏ نہ سمهي. (درمختار و رد المحتار ج 9 ص 629) ◈ زال مڙس جڏهن کٽ تي گڏ سمهن تہ ڏهہ سال جي ٻار کي پاڻ سان گڏ نہ سمهارين، ڇوڪرو جڏهن حد شهوت کي پهچي تہ اُهو مرد جي حڪم ۾ آهي. (درمختار ج 9 ص 630) ◈ ننڊ مان سجاڳ ٿي ڏندڻ ڪريو ◈ رات جو ننڊ مان سجاڳ ٿي تهجُّد ادا ڪريو تہ وڏي سعادت آهي. سرڪار مدينہ راحت قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”فرض کان بعد افضل نماز رات جي نماز آهي.“ ( مُسلِم،ص ٥٩١ حديث: ١١٦٣)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جا شايع ٿيل بہ ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 (312 صفحا) ۽ 120 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”سنتيں اور آداب“،رسالو "163 مدني گل" ۽ "101 مدني گل" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ بغور انهن جو مطالعو فرمايو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کا کرتا رہوں پروردگار  سنتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار

(وسائل بخشش مرمم،ص٦٣٥)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ درود شريف

## (1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِىِّ الْاُمِّىِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعي ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ مان گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيندي وقت اهو به ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن، [1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سيدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي ته تاجدارِمدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو :جيڪو شَخص اهو دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو ته ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون،ص151ملخصًا

[2] ...افضل الصلوات على سيد السادات،الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3)رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اهو دُرُود شريف پڑهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## (4)ڇهه لک دُرُود شريف جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰه

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڑهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڑهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَاللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهي سبب صَحابَہ ڪرام رَضِیَاللّٰهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اهو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڑهندو آهي تہ ائين پڑهندو آهي.(3)

---

[1]...القول البديع،الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات علی سید السادات،الصلاۃ الثانیۃ والخمسون،ص149

[3]...القول البدیع،الباب الاول،ص125

www.dawateislami.net

## (6)دُرُودِ شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافِعِ اُمَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ مُعَظّم آهي جيڪو شخص هن درود شريف کي پڙهي تہ ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَّا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سيدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: انهي درود شريف کي پڙهڻ واري جي لاءِ ستر ملائڪ هڪ هزار ڏينهن تي نيڪيون لکندا آهن[2]

## (1) جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي-

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي جنهن هن دعا کي 3 ڀيرا پڙهيو تہ ان جڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي.[3]

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪو بہ عبادت جي لائق ناهي الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب،كتاب الذكر و الدعاء،٣٢٩/٢،حديث:٣٠

[2] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[3] ... تاريخ ابنِ عساكر،١٩/١٥٥،حديث:۴۴۱۵

www.dawateislami.net